# مديني پاڪ جي حاضري

## ۽ بزرگن جو انداز

14/9/2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مديني پاڪ جي حاضري ۽ بزرگن جو انداز

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

رَسُولِ اَڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جُمعي جي ڏينهن مون تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪندا ڪريو چو تہ اهو حاضري جو ڏينهن آهي جو ان ۾ فرشتا حاضر ٿيندا آهن ۽ جيڪو شخص بہ مون تي دُرود پڙهندو آهي ان جو دُرود منهنجي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. راوي فرمائن ٿا تہ مون عرض ڪيو: ڇا وصالِ ظاهري ڪان بعد بہ؟ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ها! بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ زمين تي نبين سڳورن (عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جي جسمن کي کائڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي زنده آهن، انهن کي روزي ڏني ويندي آهي. (ابنِ ماجہ، کتاب ماجاء في الجنائز، باب ذکر وفاتہ و دفنہ ، ۲۹۱/۲،حديث: ۱۶۳۷)

جِنّ و بَشَر سلام کو حاضِر ہیں اَلسَّلام

یہ بارگاہ مالکِ جِنّ و بَشَر کی ہے

چھائے ملائکہ ہیں لگاتار ہے دُرُود
بدلے ہیں پہرے بدلے میں بارش دُرَر کی ہے

**شعر جي مختصر وضاحت**: يعني جن هجي يا انسان هر هڪ حضور نبيِ پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاه عاليہ ۾ با ادب حاضر آهي ڇو تہ هي بارگاه ان ذات عالي مرتبت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آهي جيڪي تمام جنن ۽ انسانن جا مالڪ ۽ روزانو صبح ستر ۽ شام ستر هزار فرشتا دربار رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ حاضر ٿي درود پڙهندا آهن ۽ انهن جو درود پڙهڻ ڄڻ تہ سفيد موتين جي بارش آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره

www.dawateislami.net

لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ  چڙٻ ڏيڻ ۽ اَٽڪڻ ڪان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره پڙهي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان ڪان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اعلٰي حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو مديني جي سفر بابت ذوق شوق

اَعليٰ حضرت، اِمام اهلسنّت، مجددِ دِين ۽ مِلت مولانا شاهِ اِمام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي ٻئي حج جي سفر ۾ حج جا رڪن ادا ڪرڻ ڪان پوءِ سخت بيمار (Sick) ٿي پيا، پر ان باوجود مديني جي حاضري دوران ذوق ۽ شوق ۾ ڪا ڪمي نہ آئي. بخار جي شدت جي ڪري عالِمَ سڳورا روڪيندا رهيا تہ ان موقعي تي ارشاد فرمايائون: ”جيڪڏهن سچ پڇيو تہ حاضريءَ جو اصل مقصد طَيبہ جي زِيارت آهي ۽ ٻئي ڀيرا اِن نِيّت سان گهران نڪتو هئس، مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن اهو نہ ٿئي تہ حج جو لطف ئي ناهي. جڏهن طبيعت جي نا سازيءَ سبب عالم سڳورن جو اِصرار وڌڻ لڳو تہ پاڻ اها حديث پڙهيائون : مَنْ حَجَّ وَلَمْ يَزُرْنِيْ فَقَدْ جَفَانِيْ (كشف الخفاء،حرف الميم،٢/٢١٨،حديث:٢٤٥٨) يعني جنهن حج ڪيو ۽ منهنجي(قبر جي) زيارت نہ ڪئي تہ ان مون سان جفا ڪئي. پوءِ فرمايائون : تہ مون وٽ حديث جو اهو مطلب ناهي تہ عمر ۾ ڪيترا بہ حج ڪجن ۽ زيارت هڪ دفعو ڪافي آهي بلڪ هر حج سان گڏ زيارت ضروري (Compulsory) آهي. هاڻي اوهان دعا فرمايو تہ مان سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي وڃان ۽ روضي اقدس تي هڪ نظر پئجي وڃي، پوءِ چاهي ان وقت ئي دَم نِڪري وڃي. (عاشقانِ رسول کی 130حکایات مع مکے مدینے کی زِیارتیں،ص١٤٥،١٤٦ بتصرف)

عاشقِ اعليٰ حضرت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مجموعہ ڪلام "وسائلِ بخشش" ۾ پنهنجي عشق پري جذبن جو اظهار ڪن ٿا:

چلوں دُنیا سے میں اِس شان سے اے کاش! یااللہ
شہِ اَبرار کی چوکھٹ پہ سَر ہو میرا خَم مولیٰ
سُنہری جالیوں کے سامنے اے کاش! ایسا ہو
نکل جائے رسولِ پاک کے جلووں میں دَم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته عَاشقن جي اِمام،اعليٰ حضرت مَولانا شاهه اِمام اَحمد رضَا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مديني جي حاضِري جي لاءِ ڪيتري قدَر بيقَرار رَهندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه چاهين ها ته ڪجهه مُدّت ڪان پوءِ اِن سَعادَت کان مُشَرَّف ٿي وڃن ها پرعِشقِ رسول جيئن ته سندن جو سَرمايو ۽ حاضِري بارگاهِ رسول سندن جي منزلِ مقصود هئي، تنهنڪري سَخت بيماري به اوهان کي درِ رسول جي حاضِري کان نه روڪي سَگهي، بس سندن تي هڪ ئي ڌُن سُوار هئي ته بس ڪهڙي طرح به رَوضَہءِ رسول جي هڪ جَهلڪ (Glimpse) ڏسي وٺان ۽ پنهنجون اکيون ٺڏيون ڪري وٺان، پوءِ ڀلي منهنجي جان به هلي وڃي تو مون کي ڪا پَرواهه نه هوندي، سندن هي جُملو به تاريخ ۾ سُنهري اکرن سان لکڻ جي قابِل آهي ته "**جيڪڏهن سچ پڇيو ته حاضِري جو اَصلِ مقصود زيارَتِ طيبہَ آهي، ٻئي ڀيرا اِنهي نيت سان گهر کان نڪتس، مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن هي نه هجي ته حج جو ڪو مزو ناهي**".

ان کے طفیل حج بھی خدا نے کرا دیئے
اصلِ مراد حاضری اُس پاک در کی ہے

وضا هت يعني روضئہ رسول انام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي وسيلي سان الله عَزَّوَجَلَّ حج به ادا ڪرائي ڇڏيو جو ته اصل مقصد حضور پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى

www.dawateislami.net

عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار جي حاضري آهي ۽ پوءِ اعلي حضرت پنهنجي سفر حج جي باري ۾ فرمائن ٿا ته جڏهن هن مبارڪ سفر جي باري ۾ ڪنهن به پڇيو ته ڪاڏي جي تياري آهي ته چيو جو اصل مقصود حاضري مدينه هئي ان جي ڪري هر پڇڻ واري کي اهو ئي ٻڌايو

پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي جي طرف وڃان ٿو جنهن جي دم قدم سان ڪعبه ۽ مٹي جهڙيون مقدس شيون آهن جيڪڏهن هو نه هجن ها ته ڪجهه به نه هجي ها

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي پاڪ جي حاضري تمام وڏي سَعادَت جي ڳالهه آهي، جنهن جي تمنا (Desire) هر عاشقِ رسول جي دل ۾ تڙپندي رهندي آهي ۽ هو انهيءَ اُميد تي پنهنجا ڏينهن راتيون گُذاريندو آهي ته ڪڏهن ته اسان پڻ سبزِ گُنبد جو نظارو ڏسنداسين ۽ جنهن عاشقِ رَسُول کي دربارِ نبي مان سڏ ٿيندو آهي ته پوءِ هو پنهنجي ان مُبارَڪ سَفر جون تياريون شروع ڪندو آهي ۽ چڻ ته زبانِ حال سان چئي رهيو هوندو آهي ته

شُکرِ خُدا کہ آج گھڑی اُس سَفر کی ہے
جِس پَر نِثار جان فَلاح و ظَفَر کی ہے

مختصر وضاحت: يعني يا الله تنهنجو شڪر آهي ته تو مون کي مصطفي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وطن جي طرف اهو مبارڪ سفر ڪرڻ جي توفيق

۾ سعادت عطا فرمائي ،تہ جنهن تي صرف ڪاميابي ئي نہ، پر ڪاميابين ۽ ڪامرانين جي جان بہ قربان آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عظمتِ مدينہ جي باري ۾ احاديث مبارڪ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَدِينَہ مُنَوَّرَہ اهو مبارڪ شهر آهي، جنهن کي اسان جي پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ رهڻ جو شَرف بخشيو، مديني شريف جي مٽيءَ کي پنهنجي قدمن کي چمڻ جي سعادت عطا فرمائي، انهن سعادتن مان فيضياب ٿي شهرِ مدينہ عظمت ۽ رِفعت ماڻي، ان کي رحمت ۽ برڪت مُيسّر آئي، جنهن جي ڪري ئي مُبارڪ شهر مُنور ۽ مُعطّر ٿيو ۽ مديني ۾ رهڻ عافيت جي نشاني ۽ مديني ۾ مرڻ شَفَاعت جي ضمانت قرار ڏني وئي. اچو! مديني پاڪ جي حاضري جو شوق ۽ تڙپ وڌائڻ دل ۾ مديني جي مَحَبَّت ۾ اِضافي جي نيت سان عظمتِ مدينہ بابت 3 فرمانِ مصطفيٰ ٻڌون ٿا:

1. ارشاد فرمايائون: مديني ۾ داخل ٿيڻ جي سيني رستن تي فرشتا مقرر آهن، ان ڪري ان ۾ طاعون ۽ دَجَّال داخل نہ ٿيندا. (بُخاری،کتاب فضائل مدینہ، ۱/۶۱۹حدیث ۱۸۸۰)

2. ارشاد فرمايائون: ”ان پاڪ ذات جو قسم! جنهن جي قبضہِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي، مديني جي هر وادي ۽ هر رستي تي بہ ملائڪ مقرر آهن، جيڪي ان جي حفاظت ڪري رهيا آهن.“ (مسلم ،کتاب الحج، ص ۵۴۷ ، حدیث ۱۳۷۴)

امام نَوَوي فرمائن ٿا: هن روايت ۾ مديني پاڪ جي فضيلت جو بيان آهي ۽ تاجدار رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ ان جي حفاظت ڪئي ويندي

هئي ۽ ڪيترائي فرشتا حفاظت ڪندا هئا ۽ انهن سيني وادين کي سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزت افزائي جي لاءِ گهيري ۾ ورتي رکيو آهي. (شرح صحيح مسلم للنووی ج۵ جزء ۹ ص۱۴۸)

ملائک لگاتے ہیں آنکھوں میں اپنی
شَب و روز خاکِ مزارِ مدینہ
مِری خاک یارَبّ نہ برباد جائے
پسِ مرگ کردے غُبارِ مدینہ
جدھر دیکھئے باغِ جنّت کھلا ہے
نظر میں ہے نقش و نِگارِ مدینہ

3. والي مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪو مديني ۾ مري سگهي هو اتي مري ڇوتہ آئون مديني ۾ مرڻ وارن جي شَفاعت ڪندس. (ترمذی ج۵ ، ص ۴۸۳ حدیث ۳۹۴۳)

طَیبَہ میں مر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھیں بند    سیدھی سَڑک یہ شہرِ شَفاعَت نگر کی ہے

## مَدِينَہ مُنَوَّرَه جون خاصيتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح مَدِيْنَۃُ مُنَوَّرَه جون فضيلتون بي شمار آهن ائين ئي هن مبارڪ شهر کي الله عَزَّوَجَلَّ بي شمار خصوصيتن سان نوازيو آهي، مثال طور ۞ سڄي زمين ۾ ڪو بہ اهڙو شهر ناهي جنهن جا نالا ايتري گهڻي تعداد ۾ هجن، ڪن عالمن 100 تائين نالا لکيا آهن ۞ مدينو پاڪ اهڙو شهر آهي جنهن جي محبت ۽ هِجر ۽ فرقت بابت دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ زبانن ۾ ۽ لاتعداد (Uncountable) قصيدا لکيا ويا آهن ۽ لکيا پيا وڃن، لکيا ويندا اِنْ شَآءَاللّٰه

عَزَّوَجَلَّ ۞ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب، حبيب لبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ڏانهن هجرت ڪئي ۽ اتي ئي قيام پذير رهيا ۞ الله تعالٰي ان جو نالو **طابہ** (يعني پاڪ ۽ صاف ۽ خوشبودار جڳهه) رکيو ۞ سرڪار عالي وقار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن سفر کان واپس تشريف کڻي ايندا هئا ۽ مديني پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي ويجهو پهچندا هئا تہ شوق ۽ محبت ۾ پنهنجي سواريءَ کي تيز ڪندا هئا ۞ مديني شريف ۾ آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قلب مبارڪ کي سڪون ملندو هو ۞ حضرت سيدنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنگِ تبوڪ کان واپس تشريف فرما ٿيا تہ تبوڪ ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويل ڪي اصحابي سڳورا عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اچي مليا ۽ انهن خاڪ اڏاري تہ هڪ شخص پنهنجو نڪ بند ڪيو، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي نڪ تان ڪپڙو هٽايو ۽ ارشاد فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي تہ مديني جي خاڪ ۾ هر بيماري جي لاءِ شفا آهي. (جامع الاصول، ٢٩٧/٩حديث:٦٩٦٢)

اے خاکِ مدینہ ! ترا کہنا کیا تجھے قربِ شاہِ مدینہ ملا ہے
شرفِ مصطفٰے کے قدم چُومنے کا تجھے بارہا خاکِ طیبہ ملا ہے
معطّر ہے کتنی تُو خاکِ مدینہ کہ خوشبوؤں سے ذرّہ ذرّہ بسا ہے
لگاؤ تم آنکھوں میں خاکِ مدینہ کوئی اس سے بہتر بھی سُرمہ بھلا ہے!
مریضو! اُٹھا کر کے خاکِ مدینہ کو لے جاؤ! اس میں یقیناً شفا ہے
مدینے کی مٹی ذرا سی اُٹھا کر پیو گھول کر ہر مرض سے شفا ہے

۞ جڏهن ڪو بہ مسلمان زيارت جي نيّت سان مديني پاڪ ايندو آهي تہ ملائڪ رحمت جي تحفن سان ان جو استقبال ڪندا آهن. (جذب القلوب ص 211)

لاکھوں قدسی ہیں کامِ خدمت پر
لاکھوں گردِ مزار پھرتے ہیں

۞ هتي مرڻ واري جي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شفاعت ڪندا ۞ حُجره مبارڪ ۽ منبر منور جي وچ واري جاءِ جنّت جي باغن منجهان هڪ باغ (جنت جو باغيچو) آهي ۞ مسجد نبوي شريف ۾ هڪ نماز پڙهڻ پنجاه هزار نمازن جي برابر آهي. (ابن ماجه ج 2 ص 176 حديث 1413) ۞ مديني شريف جي سر زمين ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزارِ پُر انوار آهي جتي صبح ۽ شام ستر ستر هزار ملائڪ حاضر ٿيندا آهن

ستّر ہزار صبح ہیں ستّر ہزار شام
یوں بندگیِ زُلف و رُخ آٹھوں پہر کی ہے
جو ایک بار آئے دوبارہ نہ آئیں گے
رُخصت ہی بارگاہ سے بس اس قدر کی ہے
معصوموں کو ہے عمر میں صرف ایک بار بار
عاصی پڑے رہیں تو صَلا عمر بھر کی ہے

وضاحت : يعني صبح ۽ شام روزانو ستّر هزار فرشتا روضئہ انور تي حاضر ٿي حضور حسين و جميل صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رخ والضّحي ۽ زلف واللّيل جي ڏينهن رات تعريف ۽ توصيف بيان ڪندا آهن ۽ جيڪو فرشتو روضئہ انور تي هڪ ڀيرو حاضر ٿي وڃي پوءِ قيامت تائين ان کي ٻيهر حاضري نصيب ناهي ٿيندي جو تہ الله تعالي جي بارگاه کان هڪ ئي ڀيرو حاضري جي اجازت آهي پر قربان وڃون امّت سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نصيب تي تہ هڪ گنهگار بندو ڪئي ڪئي ڀيرا روضئہ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حاضري سان مشرف ٿيندو آهي.

۞ هتان جي زمين جو اهو مبارڪ حصو جنهن تي رسول انور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نوراني جسم مبارڪ تشريف فرما آهي، اهو هر هنڌ، هر جڳهه ايتري تائين جو ڪعبي، بيتُ المعمور، عرش، ڪرسي ۽ جنت کان به افضل آهي

عرشِ عُلیٰ سے اعلیٰ میٹھے نبی کا روضہ ہے ہر مکاں سے بالا میٹھے نبی کا روضہ
کیسا ہے پیارا پیارا یہ سبز سبز گنبد کتنا ہے میٹھا میٹھا میٹھے نبی کا روضہ
مکّے سے اِس لئے بھی افضل ہوا مدینہ حصّے میں اس کے آیا میٹھے نبی کا روضہ
کعبے کی عظمتوں کا منکر نہیں ہوں لیکن کعبے کا بھی ہے کعبہ میٹھے نبی کا روضہ
ہوگی شفاعت اس کی جس نے مدینے آکر خواہ اک نظر بھی دیکھا میٹھے نبی کا روضہ

۞ مديني پاڪ ۾ دجّال داخل نه ٿي سگهندو ۞ مديني وارن سان برائي جو ارادو ڪرڻ وارو عذاب ۾ گرفتار ٿيندو ۞ هتي جو قبرستان (Graveyard) جنّتُ البَقِيع دنيا جي سڀني قبرستانن کان افضل آهي ۽ هتي تقريبًا 10 هزار اصحابي سڳورا، اهلبيت اطهار عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان، بيشمار تابعين ڪرام ۽ اولياء عظام رَحِمَهُمُ اللہُ السَّلَام ۽ بيا خوش نصيب مسلمان دفن ٿيل آهن. (عاشقانِ رسول کی 130حکایات مع مکے مدینے کی زِیارَتیں،ص۲٦۲،۲٦۱)

شيخ طريقت،اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ بقيع پاڪ ۾ جڳهه ملڻ جي تمنّا ڪنئيو بارگاهه ربِّ مصطفيٰ ۾ سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو واسطو پيش ڪندي عرض ڪن ٿا:

مجھ کو بقیعِ پاک میں مدفن نصیب ہو
غوثُ الوریٰ کا واسطہ یاربِّ مُصطفیٰ

(وسائلِ بخشش،مُرمّم ص133)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## محبوب جي بارگاهه ۾ حاضري جا نرالا انداز!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!اسان جي بزرگن جو بارگاهه رسالت ۾ حاضري جو اهو انداز به هو جو ڪوئي ڪيترو ئي امير ۽ مالدار هئڻ جي باوجود پاڻ کي دَرِ مُصطَفي جو فقير سمجهڻ ۾ خُوشِي مَحسُوس ڪندو هو ۽ ملڻ وارين تمام نعمتن کي انهيءَ دَر جو صَدَقو تَصوُّر ڪندو هو جيئن ته ڪنهن محمود غزنوي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي مديني پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي حاضري دوران مسجد نبوي ۾ فقيراڻو لباس پائي، ڪلهي تي مشڪيزو کڻي حرم پاڪ جي زيارت ڪندڙن کي پاڻي پيئاريندي ڏسي چيو ته ڇا اوهان غزني جا بادشاه ته ناهيو؟ اهو ڇا حال بڻائي رکيو آهي؟ جواب ڏنائون: ”مان بادشاهه آهيان، پر غزنيءَ ۾، پر هن دربار ۾ شهنشاهه به فقير ۽ گداگر هوندا آهن.“ پڇڻ واري کي اهو ديوانگي وارو جواب ڏاڍو پيارو لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ ان ڏٺو ته مصر جو شهنشاهه شاهي شان و شوڪت ۽ دٻدٻي سان اچي رهيو آهي. ان شخص وڏي ڪري چيو ته اوهان ايتري وڏي جرئت ڪئي ۽ مدينه منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي حاضريءَ لاءِ اهڙو شاهي دٻدٻو اختيار ڪيو! جيڪو جواب (Answer) مصر جي شهنشاهه ڏنو اهو به سُنهري اکرن سان لکڻ جي قابل آهي. مصر جي بادشاهه چيو: اي سوال ڪرڻ وارا! اهو ته ٻڌاءِ! اها بادشاهي ڪنهن هستيءَ عطا ڪئي آهي؟ يقيني طور مديني واري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ئي عنايت فرمائي آهي. ان ڪري شاهي تاج ۽ لباس سان حاضر ٿيو آهيان ته جيئن ڏيڻ وارو پنهنجن مبارڪ اکين سان ڏسي. (عاشقانِ رسول کی 130حکایات مع مکے مدینے کی زِیارَتیں،ص۵۱)

اُس گلی کا گداہوں میں جس میں

مانگتے تاجدار پھرتے ہیں

(حدائقِ بخشش،ص۹۹)

www.dawateislami.net

مختصر وضاحت:- يعني مان هن عاليشان گٽي جو فقير آهيان جنهن گٽي ۾ وڏا وڏا بادشاه پنهنجو خالي پيالو پڪيڙي گهرندا پيا آهن ۽ اُها گٽي سرڪار نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گٽي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رَوضي مبارڪ جي زِيارت جا ڏهه (10) فائدا

مُبلِّغ اِسلام شيخ شُعَيب حَرِيفِيش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِرشاد فرمائن ٿا: سرڪارِ مدينه، سُرورِ قلْب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قَبر مبارڪ جي زِيارَت ڪرڻ واري جي لاءِ ڏهه (10) ڪرامتون يعني عزّتون آهن: (١) ان جو مَرتَبو بُلند ٿيندو(٢) مَقصَد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو(٣) اُن جي حاجت پُوري ٿيندي (٤) اُن کي عَطِيات خَرچ ڪرڻ جي تَوفيق مِلندي (٥) اهو هلاڪت ۽ بَربادي کان اَمن ۾ رهندو (٦) عيبن ۽ خامين کان پاڪ ٿيندو(٧) اُن جون مُشڪلاتون آسان ٿينديون (٨) حادِثن کان اُن جي حِفاظت ٿيندي (٩) اُن کي آخِرَت ۾ سنو بَدلو ملندو ۽ (١٠) مَشرِق ۽ مَغرِب جي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت ملندي. (الروض الفائق،المجلس الثانی والخمسون:فی زیارۃ النبی،ص٣٠٧-٣٠٨ ملخصاً)

رہیں ان کے جلوے بسیں ان کے جلوے مرا دل بنے یاد گارِ مدینہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بُزرگانِ دين بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي فرياد ڪندا هئا ۽ دل گهريون مُرادون ملنديون هيون، جيئن اِمامُ العارِفِين حضرت سَيد اَحمد ڪبير رِفاعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تي يادِ مدينه ۽ عشقِ رسول جو غَلَبو رهندو هو بلڪ پاڻ پنهنجي عشق جي تسڪين خاطِر جسماني طور تي نه سَهي پر رُوحاني طور تي پياري آقا، مڪي مَدَني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي درِ اقدس جي چائنٺ کي چُمي ايندا هئا، پر اِن جي باوُجود پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جِسم ۽ رُوح سان گڏ مَحبوب جي ديس کان سَڏ جا مُنتَظِر رهندا هئا. پوءِ جڏهن اُنهن جي

قسمت چمڪي، اِنتِظار جون گھڙيون ختم ٿيون ۽ بارگاھِ رسالت کان اُنھن کي سَڏ آيو تہ جِسم ۽ رُوح سان گڏ مديني جي طرف روانہ ٿيا ۽ آستانہء عالِيہ ۾ پھچي ڪري عقيدت سان پرپور اَشعار بارگاھِ اَقدَس ۾ ھديةً پيش ڪيا، جنھن جو ترجمو ڪجھ ھيئن آھي

پري ھجڻ واري حالت ۾ مان پنھنجي روح کي خدمت اقدس ۾ موڪليندو ھيس تہ ھوءَ منھنجي نائب ٿي ڪري آستانہ مبارڪ کي چمندي ھئي ۽ ھينئر جسم سان گڏ حاضر ٿي ملڻ جي واري آئي آھي تہ پنھنجا ھٿ مبارڪ وڏايو تہ جيئن منھنجا چپ اوھان جي ھٿن مبارڪن کي چمڻ جي سعادت حاصل ڪري سگھن.

تمام وڏو ڪرم اھو ٿيو تہ بارگاھِ رِسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عاشقِ زار جا اَشعار قَبولِيت جو دَرَجو حاصِل ڪري.ويا،

رَحمتِ مُصطَفٰي کي جوش آيو ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قَبرِ اَنور مان پنھنجو دَستِ اَطھر ٻاھر ڪڍي ڪري پنھنجي سچّي عاشق جي دَست بوسي جي پُراڻي خواھش کي ھٿو ھٿ پُورو فرمائي ڇڏيو. (الحاوی للفتاوی،کتاب البعث،تنویر الحلک فی امکان رؤیۃ النبی والملک،۲/۳۱۴ملخصاً)

یارَبّ! تیرے محبوب کا جلوہ نظر آئے اُس نُورِ مُجَسَّم کا سَراپا نظر آئے
اے کاش! کبھی ایسا بھی ہو خواب میں میرے ہُوں جس کی غُلامی میں وہ آقا نظر آئے
تابِندہ مقدّر کا ستارہ نظر آئے جب آنکھ کُھلے گُنبدِ خَضرا نظر آئے
جس در کا بنایا ہے گدا مجھ کو الٰہی اُس دَر پہ کبھی کاش! یہ منگتا نظر آئے
اٰمِیْن

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!بزرگانِ دين جڏهن زيارتِ مدينہ جي سعادت ماڻيندا هئا ۽ ڪنهن آزمائش (Trial) ۾ مبتلا ٿيندا هئا تہ زبان سان شڪايت ڪرڻ يا ڪنهن ٻي جي در تي وڃڻ جي بدران بارگاهه رسالت ۾ پنهنجو فرياد پيش ڪندا هئا، جيئن تہ

(1) حضرت سيدنا اِبنُ الجَلاء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان مديني شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا حاضر ٿيس ۽ ڪجهہ وقت بک جي حالت ۾ گذريو. سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزار پر انوار تي حاضر ٿي عرض ڪيو:
اَنَا ضَيفُكَ يا رَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يعني يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان اوهان جو مهمان آهيان. پوءِ مون تي ننڊ جو غلبو ٿيو ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ اچي مون کي هڪ ماني عنايت فرمائي ۽ مان خواب ۾ ئي کائڻ لڳس اجا اڌ ماني مس کاڌي هئي تہ اک کلي وئي ۽ مانيءَ جو اڌ ٽڪر منهنجي هٿ ۾ هو. (مصباح الظلام،باب ماجاء فيمن استغاث به۔۔۔الخ،ص٦١)

ہم بھکاری وہ کریم ان کا خدا ان سے فزوں     اور نہ کہنا نہیں عادت رسولُ اللہ کی

مختصر وضاحت: اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان پنهنجي آقا جي در جا فقير آهيون ۽ اسان کي اسان جا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ ڪجهہ عطا فرمائن ٿا ڇو تہ هو ڪريم آهن، ۽ انهن جو خدا انهن کي عطا فرمائيندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان کان وڌو ڪريم آهي بلڪ خود انهن کي ڪريم بڻائڻ وارو آهي ۽ اسان جي نبي جي شان هي آ تہ گهرڻ واري کي نہ ڏيڻ انهن جي عادت ئي ناهي.

(2) حضرت سيدنا شيخ ابوالعباس احمد بن نفيس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان هڪ دفعي مديني پاڪ ۾ سخت بک ۽ اُڃ جي حالت ۾ سرڪار عالي

وقار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مزارِ پُرانوار تي حاضر ٿي عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان بکايل (Hungry) آهيان، اوچتو مون کي ننڊ اچي وئي. ٿوري دير کان پوءِ ڪنهن اچي جاڳايو ۽ مون کي گڏ هلڻ جي دعوت ڏني، مان ان سان گڏ ان جي گهر ويس، ميزبان ڪارڪون، گيهه ۽ کٽڪ جون مانيون پيش ڪري چيائين ته پيٽ ڀري کائو ڇو ته مون کي منهنجي جد امجد مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اوهان جي ميزباني جو حڪم ڏنو آهي ۽ آئنده ڪڏهن به بک محسوس ٿئي ته اسان وٽ تشريف کڻي اچجو. (حجة اللّٰه على العالمين،الفصل الثالث فى ذكر من استغاث ۔۔۔الخ،ص۵۷۳)

عاشقِ ماهِ رِسالت، سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه، دربارِ مُصطفي جي عطائن جي نرالين ادائن کي نهايت ئي پياري انداز ۾ پنهنجي هڪ ڪلام ۾ لکن ٿا:

لب وا ہیں آنکھیں بند ہیں پھیلی ہیں جھولیاں  
کتنے مزے کی بھیک ترے پاک در کی ہے

منگتا کا ہاتھ اُٹھتے ہی داتا کی دَین تھی  
دُوری قبول و عرض میں بس ہاتھ بھر کی ہے

(حدائقِ بخشش،۲۲۸،۲۲۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مختصر وضاحت:يعني چپ دعا لاءِ کليل آهن اکيون شرم سان بند آهن اڪ ملائڻ جي قابل ناهي ۽ جهوليون ڏگهيڙيل آهن اي منهنجا آقا توهان جي در جي خيرات ڪيتري نه لطف اندوز آهي ته گهرندڙ جيئن ئي پنهنجو هٿ پاڻ جي اڳيان ڏگهيڙيو پاڻ عطائن جي بارش ڪري ڇڏي جڻ ته گهرڻ ۾ ۽ عطا ڪرڻ ۾ صرف هٿ کڻڻ جي ئي دير هئي.

www.dawateislami.net

## مديني جي حاضري دوران صبر ڪرڻ جو انعام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!اسان جا بُزُرگانِ دِين راهِ مدينه ۾ ايندڙ تڪليفن کي پنهنجي لاءِ سَعادَت جو سبب تصوُّر ڪندا هئا جيئن مشهور مُفَسِّرِ قرآن، حڪيمُ الاُمَّت حضرت مفتي اَحمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي سفرِ مدينه جو هڪ اِيمان اَفروز واقِعو بيان ڪندي فرمائن ٿا: آئون مدينهء مُنَوَّرَه ۾ تِرڪي ڪِري پَيس، ساڄي هٿ جي ڪرائي جي هڏي ٽُٽي پئي، سور وڌيو ته مون اُن کي چمي ڪري چيو: اي مديني جا سور! تنهنجي جڳهه منهنجي دل ۾ آهي تُون ته مونکي محبوب جي دروازي تان مِليو آهين.

تِرا دَرد ميرا دَرماں تِرا غم مِری خوشی ہے    مجھے دَرد دینے والے تری بندہ پَروَری ہے

(مفتي صاحب مزيد فرمائن ٿا ته) سُور ته اُن وَقت کان غائب ٿي ويو پر هٿ ڪم نه ڪندو هو، سترهن (17) ڏينهن کان پوءِ اَسپتال ۾ ايڪسري ڪيرايو ته هڏي جا ٻه ٽڪرا آيا، جنهن ۾ ٿورو فاصلو هو پر اسان عِلاج نه ڪرايو ،پوءِ آهِسته آهِسته هٿ ڪم ڪرڻ لڳو، مدينهء مُنَوَّرَه جي اُن اَسپتال جي ڊاڪٽر محمد اسمٰعيل چيو ته هي خاص ڪرِشمو ٿيو ته هي هٿ طِبّي لِحاظ کان حَرَڪت به نه ٿو ڪري سگهي، اهو ايڪسري (X-Ray) مون وٽ آهي، هڏي اجا تائين ٽٽل آهي، اِن ٽٽل هٿ سان تفسير لکي رهيو آهيان، مون پنهنجي ان ٽٽل هٿ جو عِلاج صِرف هي ڪيو ته آستانهء عَالِيه تي بيهي ڪري عرض ڪيو ته حُضور! منهنجو هٿ ٽٽي ويو آهي، اي عبدُالله بن عَتِيڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ٽٽل پير جي پنيءَ جوڙڻ وارا! اي مُعَاذ بن عَفرَاء رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ٽُٽَلَ ٻانهن جوڙڻ وارا! منهنجو ٽٽل هٿ به جوڙي ڇڏيو. (تفسيرِ نعيمی،۹ /۳۸۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان ڪيل واقعي مان صاف ظاهر آهي ته مفتي

www.dawateislami.net

صاحِب رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي ڪرائي واري هڏي ٽٽي وئي پر پاڻ جي صَبر و اِستِقلال ۽ سعادت مَندي جو هي حال هو تہ روئڻ پٽڻ ۽ واويلا ڪرڻ جي بجائي اُن سُور کي پنهنجي لاءِ تَمغو (اِنعامي عَلامت) سمجهندي قَبول ڪري ورتو جو هي تہ منهنجي لاءِ نبي جي وطن جي هڪ بهترين سوغات آهي.

مُفتي صاحِب جو درِ مُصطفيٰ تان گُهرڻ جو نِرالو انداز ۽ ڪامل يقين ڏسو تہ پاڻ کي خبر هئي تہ مون ان هستي اڳيان سُوال ڪيو آهي جتي اِنڪار نہ آهي، جتي مريضن کي بہ شفائون ملن ٿيون، جتي ڏُک سور جي ماريلن کي خوشيون ملن ٿيون، جتي صرف هڪ ڀيرو گُهرڻ ڪان پوءِ دروازو بند ناهي ڪيو ويندو بلڪ خالي جهولين کي مُرادن سان ڀرڻ ڪان پوءِ بہ جڻ تہ وري اُميدون اتي ئي حاضري ڏين ٿيون، اي ڪاش! اسان کي بہ درِ مُصطفيٰ تان گهرڻ جو سليقو اچي.

بَهرحال هي اُنهي مُبارَڪ هستين جي خصوصيت هئي جو انهن کي راهِ مدينہ جو ڪندو (Thorn) بہ گُل مَحسوس ٿيندو هو، اي ڪاش! اسان کي بہ اِنهن بُزرگن جو صَدَقو نصيب ٿي وڃي ۽ اي ڪاش! اسان کي بہ جڏهن مديني جو ارادو ڪريون تہ سفرِ مدينہ جون خُوب خُوب بَرَڪتون حاصل ڪريون ۽ اِنهي دَوران مدينہءِ مُنَوَّرَہ ۽ مَڪينِ گُنبدِ خضراء صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت ۾ اِيتري قدَر فَنا ٿي وڃون جو اِن راهه ۾ ايندڙ مَصيبتون ۽ تڪليفون اسان جي لاءِ نہ صِرف رَاحت ۽ اِطمينان جو ذريعو ٿين بلڪ غمِ دنيا ۽ غمِ مال ڪان نَجات ۽ اسان جي گُناهن جي بخشش جو سبب بڻجي وڃن.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## مديني وارن کي تڪليف ڏيڻ واري جي لاءِ وعيد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جا بُزُرگانِ دِين جڏهن مَدِيۡنَۃ مُنَوَّرَه جي حاضري جو شرف ملندو هو ته انهن جو هڪ انداز هي به هوندو هو ته مديني جي هر شيءِ ايستائين جو جانورن کان به ڪيتري قدَر مَحَبَّت ڪندا هئا، اُنهن کي ڪڏهن به هي منظور نه هو ته ڪو دِيارِ مَحبوب جي ڪتّن سان به نامُناسب سُلوڪ (Behaviour) ڪري ۽ انهن کي اَذِيت پهچائي جيئن، پنجاب (پاڪستان) جي مشهور عاشقِ رسول بُزُرگ اَمِيرِ مِلّت حضرت مَولانا پِير سَيّد جَماعت علي شاه مُحَدِّث عَلي پُوري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هڪ ڀيري مَدِينهء مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا ويا ته اُنهن جي ڪنهن مُريد مَدِينهء مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا جي هڪ ڪتّي کي اِتّفاقًا پٿر هڻي ڇڏيو جنهن جي ڏک سان ڪتّي رڙيون ڪيون، پاڻ کي هي معلوم ٿيو ته منهنجي ڪنهن مُريد هن مُقَدَّس شهر جي هڪ ڪتّي کي ماريو آهي ته سندن چين ۽ قرار ختم ٿي ويو، بي قراري جي عالم ۾ پاڻ هڪدم حُڪم ڏنائون ته ڪنهن به صورت ۾ اُن ڪتّي کي تلاش ڪري هتي آڻيو جيئن ئي ڪتّو آندو ويو ته ڏسڻ وارن ڏٺو ته مشهورِ زمانه عاشقِ رسول، لکين مريدن جي پيشوا ۽ هڪ ولي ڪامِل گِريه و زاري ڪندي اُن ڪتّي سان مُخاطِب ٿيندي چوڻ لڳا: اي حبيب جي ديس ۾ رهڻ وارا! لِلّٰه (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي واسِطي) منهنجي مُريد جي اِن لَغزِش (غَلَطي) کي مُعاف ڪري ڇڏ. پوءِ پُگَل گوشت اُن کي کارايو ۽ کير گهرائي پياريو، پوءِ اُن کي چيو: جماعت علي شاه توکان مُعافي گهري ٿو، خُدارا! هن کي مُعاف ڪري ڇڏجان. (سنّی علماء کی حکایات نمبر:۳۷، ص ۲۱۱ ملخصاً)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مَدِينہَ مُنَوَّرَہ ۾ خوب خرچ ڪريو

اسان جي بُزُرگانِ دِين جو مَدِينَه مُنَوَّرَہ جي حاضري جي وقت هڪ انداز هي بہ هو تہ مديني وارن سان نهايت شفقت ۽ محبت سان پيش ايندا هئا ۽ انهن تي خوب خرچ ڪندا هئا جڏهن مدينو پاڪ ويجهو ايندو هو تہ اميرِ ملت پير جماعت شاهہ نقشبندي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو چهرو هشاش بشاش نظر ايندو هو ۽ هي ارشاد فرمائيندا هئا: ”هاڻي وقت اچي ويو آهي، خوب تقسيم ڪريو! گهڻو اجر ملندو. هي ماڻهو رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پاڙيسري آهن، هي گهڻا مستحق آهن، اسان انهن جي خدمت ڪرڻ جي لاءِ اچون ٿا، روز روز هي موقعو ڪاٿي نصيب ٿيندو آهي.“ پاڻ بہ ايترو ڏيندا هئا جو ماڻهو ونندي ونندي ٿڪجي پوندا هئا، حضرت اميرِ ملت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي پيروي ڪندي سندن سان گڏ ايندڙ بہ کُلي دل سان خرچ ڪندا هئا تہ پاڻ گهڻو خوش ٿيندا هئا. جيڪو جيترو گهڻو خرچ ڪندو هو ان کي ايتري ئي وڏيڪ شاباشي ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: ڊڄو نہ، خوب دل سان خرچ ڪريو، مون کي هتان کان قرض ملي ويندو آهي مان هتان وني ڏيندس. (سيرت امير ملت،ص١٢٣ ملتقطاً)

اي زائرِ مدينہ (مديني جي زيارت لاءِ وڃڻ وارا)! اوهان بہ مَدِينَۂ مُنَوَّرَہ جي حاجت مندن جي داد رسي ۽ مسلمانن جي دلجوئي جي لاءِ خرچ ڪرڻ جي نيت ڪري ونو. مسلمانن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ دنيا ۽ آخرت ۾ آساني جو سبب آهي جيئن تہ حضرت سيدنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي:

نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو تنگدست تي آساني ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ۾ ان تي آساني ڪندو. (مسلم،ڪتاب الذڪر و الدعا،باب فضل

الاجتماع علی تلاوة القران،ص۱۱۰،حديث:۲۶۹۹ملتقطا) ظاهر آهي تہ جيڪو شخص تنگدستي جو شڪار ۽ رنج و غم ۾ گرفتار هجي ۽ ان مشڪل وقت ۾ اسان ان جي مدد ڪئي تہ هو ضرور اسان جي لاءِ دعا ڪندو ۽ ڏکايلن جي دُعا قبول (Accept) ٿيندي آهي جيئن تہ والدِ اعليٰ حضرت رئيسُ المُتَڪلِّمِين حضرتِ علامہ مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي بي مثال ڪتاب ”اَحسَنُ الْوِعَاءِ لِاٰدابِ الدُّعا“ جنهن کي مڪتبة المدينہ ”فضائلِ دُعا“ جي نالي سان شايع ڪيو آهي، هن ڪتاب جي صفحي 111 تي آهي، جنهن ماڻهن جون دعائون قَبول ٿينديون آهن، انهن ۾ سڀ کان پهرين نمبر تي لکيل آهي: اوّل: مُضطَر (يعني ڏُکايل) ان جي حاشيي ۾ سرڪارِ اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسنّت، مولانا شاه امام اَحمد رَضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا:”ان جي طرف يعني ڏُکايل ۽ لاچار ۽ ناشاد جي دعا جي قَبوليت بابت تہ خود قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد موجود آهي:

اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكْشِفُ السُّوْٓءَ (پ۲۰، النمل ٦٢)

**ترجموڪنزالايمان:** يا اهو جيڪو پريشان دل جي ٻڌي ٿو جڏهن اهو کيس پڪاري ۽ تڪليف ٽاري ٿو

تنهنڪري حاضري مدينہ يا جڏهن بہ موقعو ملي، تنگدست ۽ مجبور جي مدد ڪريو ۽ دعائون وٺو، دنيا ۾ بہ بي شمار ڀلائيون نصيب ٿينديون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان اميد آهي تہ مظلوم جي داد رسي بخشش جي خوشخبري جو سبب بڻجندي جيئن تہ هڪ شخص (اڳوڻي زماني ۾) ماڻهن کي اُڌهار ڏيندو هو، هو پنهنجي غلام کي چوندو هو: ”جڏهن ڪنهن تنگدست مقروض وٽ وڃين ان کي معاف ڪجان هن اُمّيد تي تہ خدا اسان کي معاف ڪري ڇڏي.“ جڏهن ان جو انتقال ٿيو تہ الله عَزَّ وَجَلَّ مُعاف ڪري ڇڏيو. (بخاری،ڪتاب احاديث الانبياء،باب حديث الغار، ۲/۴۷۰،حديث:۳۴۸۰،بهارِ شريعت ۲، /۷۶۲)

## 12 مَدَني ڪمن ۾ حِصَّووٺو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ ماڻهن جي مدد (Help) ڪرڻ، تنگدست ۽ محتاج ماڻهن جو ساٿ ڏيڻ جو جذبو ماڻڻ، چڱيون چڱيون عادتون اپنائڻ ۽ بُرين عادتن کان نجات ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي نيڪي جي دعوت عام ڪريو، ۽ 12 مدني ڪمن ۾ عملي طور تي حصو وٺو. 12 مدني ڪمن مان روزانو هڪ مدني ڪم فجر کان پوءِ ”مدني حلقو“ به آهي جنهن ۾ روزانو، 3 آيتن جي تلاوت مع تَرجَمو ڪنز الايمان ۽ تفسير خزائنُ العرفان يا تفسير نورُالْعرفان يا تفسير صِراطُ الجنان، درسِ فيضانِ سُنَّت (4صفحا) ۽ شَجْره قادِريه، رَضَويه، ضيائيه، عطاريه پڙهيو ويندو آهي. فجر کان پوءِ مدني حلقي جي برڪت سان مسجد آباد رهندي آهي، تلاوتِ قرآن ٻڌڻ جو موقعو ملندو آهي، مختلف موضوعن تي علمِ دِين جا رنگ برنگي مدني گل چونڊڻ لاءِ ملندا آهن، قرآنِ ڪريم پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سمجهڻ سمجهائڻ جي ته ڇا ڳالهه آهي.

نبي مڪرَّم ، نُورِ مُجسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم بخاري شريف ۾ آهي: خَيرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَعَلَّمَهُ، يعني توهان ۾ بهترين شَخص اهو آهي، جنهن قرآن سکيو ۽ ٻين کي سکاريو. (بخاری ،کتاب فضائل القرآن،باب خیرکم من تعلم...الخ،۳/۴۱۰،حدیث:۵۰۲۷)

## مَدَني چينل سبب مُتَاثر ٿي 12 ماڻهن جو قبولِ اسلام

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سِياسي تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ اهڙي طرح ٻين مدني ڪمن جي ذريعي نه صرف مسلمانن ۾ نيڪي جي دعوت ڦهلائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي بلڪ مدني ڪمن ۽ مدني چينل جي برڪت سان هينئر تائين ڪئي غير مسلم، مسلمان ٿي ويا آهن،

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ مبلِغ دعوت اسلامي جي بيان جو خلاصو آهي تہ هڪ پيري مديني پاڪ ۾ جُمعةُ المُبارڪ جي ڏينهن (2 جمادي الاخريٰ 1432 بمطابق 6 مئي 2011) تقريباً 4 بجي سبز عمامي واري هڪ نوجوان سان ملاقات ٿي، دوران گفتگو ان انڪشاف ڪيو: مان بمبئي (هند) جو رهڻ وارو آهيان مون سميت اسان جي گهر جي سيني ڀاتين يعني 12 افراد اسلام قبول ڪيو، اسلام قبول ڪرڻ جو سبب بيان ڪندي ان ڪجھ ائين چيو: اسان جا گهر وارا ڪجھ عرصي کان دعوت اسلامي جو مدني چينل ڏسڻ لڳا هئا، ان جي سلسلن ۾ مسلمانن جو حليو، انهن جا مسڪرائيندڙ چهرا ۽ بيان جي سادگي اسان کي تمام سني لڳندي هئي، حالانڪ هن کان پهريان اسان بي عمل مسلمانن جون حرڪتون ڏسي نهايت بدظن هئاسين پر مدني چينل تي اسلام جي حقيقي تصوير ڏسي اسان اسلام کان بيحد متاثر ٿيڻ لڳاسين، خاص ڪري دعوت اسلامي جي مبلغن جو هر هر نگاهون جهڪائڻ جي ترغيب ڏيارڻ اسان کي تمام وڻندو هو ۽ اڪين جي قفل مدينہ جي فائدي جا تذڪرا ٻڌي اسان تمام گهڻو خوش ٿيندا هئاسين، منهنجي امڙ سائڻ سيني کي چوندي هئي: هن بي حيائي واري دؤر ۾ بہ هي ماڻهو نگاهون هيٺ رکڻ جو درس ڏيندا آهن، واقعي نگاهون هيٺ ئي رکڻ گهرجن، مدني چينل جا سلسلا ڏسندي ڏسندي اسان جي دل ۾ اسلام جي محبت ايتري تہ وڌي جو گهر ۾ اسلام قبول ڪرڻ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون پر اسان خوفزده هئاسين تہ ماڻهو ڇا چوندا؟ انهيءَ سوال جو جواب بہ اسان کي مدني چينل تان ئي مليو، ٿيو ائين جو نگران شوريٰ ۽ مبلغ دعوت اسلامي حاجي ابو حامد محمد عمران عطاري سَلَمه الْبَارِي جڏهن ”لوگ کيا کہيں گے؟“ جي، موضوع تي سنتن ڀريو بيان فرمايو تہ سيني گهر وارن جو ذهن بڻجي ويو تہ هاڻي اسان کي ماڻهن جي پرواهہ نہ

www.dawateislami.net

ڪرڻ گهرجي ۽ اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان ڪلمو پڙهي ڪري اسلام جي دامن ۾ اچي وياسين، ان گنبد خضرا جي سايي ۾ پنهنجي هن عزم جو اظهار ڪيو ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مان بين غير مسلمن کي اسلام سان وابسته ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس. (نیکی کی دعوت،ص۳۱۸)

مدنی چینل سے جسے بھی والہانہ پیار ہے
اِنْ شَآءَ اللّٰهعَزَّوَجَلَّ دوجہاں میں اس کا بیڑا پار ہے

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مديني ۾ سُواري کان پرهيز

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَدِينَہ مُنَوَّرَہ جي حاضري جي وقت اسان جي بُزُرگانِ دِين جو هڪ انداز هي به هو ته ان دوران ان مبارڪ شهر جو خوب ادب ڪندا هئا، جيئن ته

حضرت سيدنا امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون مديني شريف ۾ حضرت سيدنا امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي دروازي تي خُراسان ۽ مصر جا گهوڙا ٻڌل ڏٺا جيڪي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي تحفي (Gift) ۾ پيش ڪيا ويا هئا. ايترا اعليٰ قسم جا گهوڙا مون ڪڏهن به نه ڏٺا هئا. ان ڪري مون عرض ڪيو: اهي گهوڙا ڪيڏا نه عمدا آهن؟ فرمايائون: مان اهي سڀ تو کي تحفي ۾ ڏيان ٿو، مون عرض ڪيو: پنهنجي لاءِ ته هڪ گهوڙو رکي ڇڏيو. فرمايائون: مون کي الله تعاليٰ کان حياءُ ٿو ٿئي ته ان مبارڪ زمين کي پنهنجي گهوڙي جي پيرن هيٺان لتاڙيان جنهن تي ان جا پيارا پيغمبر، بي بي آمنه جا دلبر، مديني جا تاجور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم موجود آهن يعني سندن مبارڪ روضو آهي. (احياء العلوم ج ١ص٣٨،الروض الفائق ص٢١٧)

هاں ہاں رہِ مدینہ ہے غافل ذرا تو جاگ
او پاؤں رکھنے والے یہ جا چشم و سر کی ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بارگاهِ رسالت ۾ حاضري جا آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مَدِينَہ مُنَوَّرَه ۾ رَوضَہ رسول جي رُوبَرُو سَلام پيش ڪرڻ تمام وڏي سعادت آهي. اي ڪاش! اسان جي زِندگي ۾ بہ اهي مُبارَڪ گهڙيون اچن پر اهو بہ ياد رکو تہ جنهن کي ان دَر جي حاضِري نصيب ٿئي، ان جي لاءِ ضروري آهي تہ ان بارگاهِ عالي جي ادبن جو خاص خيال رکي، ڇوتہ ٿوري بي اِحتِياطي سَخت مَحرومي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. اچو! صدرُالشّريعہ مُفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي طرفان عطا ٿيندڙ دربارِ مُصطفٰي ۾ حاضري جا ڪجهه آداب ٻڌون ٿا:

۞ حاضِري ۾ خالص زِيارتِ اَقدَس جي نِيّت (Intention) ڪريو۞ حج جيڪڏهن فرض هجي تہ حج ڪري مدينۂ طَيبَہ حاضِر ٿيو. ۞ سڄي راهہ ۾ دُرود ۽ ذِڪر شريف ۾ مشغول رهو ۞ جڏهن حَرَمِ مدينہ اچي تہ بهتر هي آهي تہ ، روئندي، مٿو جُهڪائي، اکيون جهڪائي ڪري، دُرود شريف جي ڪثرت ڪريو ۽ ٿي سگهي تہ پيرن اُگهاڙي هلو ۞ جڏهن مسجد نبوي تي حاضر ٿئي، پهرين صلوٰة وسلام عرض ڪريو پوءِ ٿورو بيهو جيئن سرڪار ڪان حاضري جي اِجازت گهُرو ٿا ۞ نهايت خُشُوع و خُضُوع سان آستانۂ اَقْدَس تي حاضري ڏيو، روئڻ نہ اچي تہ روئڻ جهڙي صورت ٺاهيو ۞ قِبلي ڪي پُٺ ڪري گهٽ ۾ گهٽ چار هٿ (يعني ٻہ گز) پَري نماز وانگر هٿ ٻَڌي ڪري سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ جي طرف رخ ڪري بيهو ۞ ان

دوران دل سرڪار (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) ئي ڏانهن متوجه رکڻ جي ڪوشش ڪريو ❁ جيستائين مدينہ طَيبہ جي حاضري نصيب ٿئي، هڪ ساهہ بہ بيڪار نہ وڃڻ ڏيو، ضَرورتن ڪان سِواءِ اڪثر وقت مسجد شريف ۾ باطَهارت حاضر رهو، نماز ۽ تلاوت ۽ دُرود ۾ وقت گذاريو، دُنيا جي ڳالھ ڪنهن بہ مسجد ۾ نہ ڪرڻ گهرجي نہ ئي صرف هتي❁ مدينہ طَيبہ ۾ روزو نصيب ٿئي، خُصُوصًا گرمي جي ڏينهن ۾ تہ چا ئي ڳالھ آهي جو ان تي شفاعت جو واعدو آهي ❁ هتي هڪ نيڪي جون پنجاه هزار(50,000) نيڪيون لکيون وينديون آهن، تنهنڪري عبادت ۾ وڌيڪ ڪوشش ڪريو، ڪائن پيئڻ ۾ ڪمي ضرور ڪريو ۽ جيستائين تي سگهي صَدَقو ڪريو ❁ شهر ۾ چاهي شهر ڪان ٻاهر جيستائين گُنبذ مُبارَڪ تي نظر پوي، فوراً دَست بَستہ (هٿ ٻَڌي ڪري) ان طرف منهن ڪري صلوٰة و سلام عرض ڪريو، اِن ڪان علاوه تہ خلافِ ادب آهي ❁ قبر مُبارڪ کي هر گز پُٺ نہ ڪئي وڃي ۽ جيتري قدر تي سگهي نماز ۾ بہ اهڙي جڳهہ نہ ٻيهو جو پُٺ ڪرڻي پوي. (بهار شريعت،ج۱،حصه ٦، / ۱۲۲۲ تا ۱۲۲۸ ملتقطاً)

زائرو پاسِ ادب رکھو ہوس جانے دو آنکھیں اندھی ہوئی ہیں ان کو ترس جانے دو

مختصر وضاحت:اي مديني جي زيارت ڪرڻ وارو ؛-جيتوڻيڪ مديني جي محبت ۽ هينئر تائين محبوب ڪان جدا رهڻ جي تڙپ ان ڳالھ تي توهان کي اجاگر ڪري رهي آهي تہ بس هاڻي روضي جي جارين سان چنبڙي وڃون ۽ در ۽ ديوارن کي سيني سان لڳائي روئو، پر ديوانگيءَ جو هي انداز ادب جي لحاظ سان بلڪل مناسب ناهي چو تہ هي حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو دربار آهي خبردار:ادب رکڻ ضروري آهي.

## ڪتاب ”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي سفرِمدينہ ۽ حاضري مدينہ جي مُتَعَلِّق وڌيڪ دلچسپ حِڪايتون ۽ مڪي ۽ مديني جي باري ۾ حيرت انگيز واقعن جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ ۽ پنهنجي دل ۾ مديني جي حاضري جي سچّي تڙپ پيدا ڪرڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، اَمِيرِاَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علاّمه مَولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو ترتيب ڏنل ڪتاب بنام ”**عاشقانِ رسول جون** 130 **حڪايتون ۽ مڪي مديني جون زِيارتون**“ جو مُطالعو نهايت مُفِيد آهي، هي اهڙو ڪتاب آهي جو اوهان پڙهندو تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّ وَجَلَّ پنهنجا لڙڪ روڪي نہ سگهندو، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن هن ڪتاب ۾ زائرينِ مدينہ جون **51**، مشهور عاشقِ رسول بُزرگ حضرتِ سَيِدُنا امام مالڪ جون **12**، حاجين جون 42، صالحن جون 6، عُلماءِ اهلسنّت جون 17، جِنّات جون ۽حَيوانات جون 9 حِڪمت سان ڀرپُور حِڪايتون تحرير فرمايون آهن گڏوگڏ اِن ڪان علاوه بہ اِن ۾ وڌي مَعلُومات فَراهَم ڪئي وئي آهي. توهان سيني اسلامي ڀائرن کي مدني اِلتِجا آهي تہ اِن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ کان هَدِيةً طَلَب فرمائي ڪري نہ صرف خُود اِن جو مُطالعو ڪريو، بلڪ توفيق مطابق تعداد ۾ حاصل فرمائي ڪري سفرِ مدينہ جي سعادت حاصل ڪرڻ وارن خُوش نصيبن ۾ ثواب جي نِيت سان مُفت تقسيم بہ فرمايو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net کان ان ڪتاب کي ريڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download)۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مبارڪ حيات بزرگانِ دين جي سيرت جي آئينہ دار آهي، مديني پاڪ جي حاضري جي باري ۾ سندن شوق، تڙپ، لڳاءُ ۽ ادب جو نرالو انداز اسان کي بزرگانِ دين جي ياد ڏياري ٿو، بيشڪ پاڻ بہ عشقِ رسول جي اهڙي دَرجي تي فائز آهن جو جنهن جي سبب پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو شُمار بہ عاشقانِ رسول جي صَفِ اَوّل ۾ ٿئي ٿو. دَردِ مدينہ تہ ڪو عاشقِ مدينہ، اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان سکي جو جڏهن پاڻ ظاهري طور تي مديني شريف کان پَري هوندا آهن، اُن وَقت بہ پاڻ جي زبان تي هر وقت ذِڪرِ مدينہ ۽ ذِڪرِ شاهِ مدينہ جاري رهندو آهي، پر جڏهن بي چين دِلين جي چين، رَحمتِ دارَين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ مان اوهان کي سَفَرِ مدينہ جي خوشخبري (happy news) مِلندي تہ سندن جي دل جي دُنيا بدلجي ويندي، لُڙڪن جو رڪيل طُوفان اکين جي ذريعي نڪري ايندو ۽ جڻ تہ پاڻ اِن اَشعار جي عَمَلي تصوير بڻجي ويندا:

مدینے کا سَفَر ہے اور میں نَمدیدہ نَمدیدہ　　جَبیں اَفسُردہ اَفسُردہ بدن لرزیدہ لرزیدہ

اَمِيرِ اَهلسنّت جي مديني شريف جي سفر جو اَحوال ٻڌي يقيناً اسان کي گهڻو ڪجھ سکڻ لاءِ ملندو. اچو تہ! هاڻي شيخِ طريقت، اَمِيرِ اَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي سفرِ مدينہ جي پُر ڪيف ۽ نِرالي انداز جي باري ۾ ٻڌون ٿا: اوهان کي ڪئي ڀيرا سَفَرِ حج ۽ سَفَرِ مدينہ جي سعادت حاصِل ٿي، جن ۾ مجموعي طور تي جيڪا ڪيفيت رهي اُن کي ڪَمَا حَقُّهٗ تہ بَيان نہ ٿو ڪري سگهجي البَت سندن جي هڪ سَفَرِ مدينہ جي مُختَصَر اَحوال ٻڌون ٿا

جيئن تہ جڏهن مدينہء پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا جي طرف سندن جي روانگي جي مبارَڪ گهڙي آئي تہ عاشقِ مدينہ، اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ڪيفيت وڏي عجيب هئي. پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا ۽ پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي اِن اَشعار جا مِصداق نَظَر اچي رهيا هئا.

آنسوؤں کی لڑی بن رہی ہو اور آہوں سے پھٹتا ہو سینہ
وِردِ لَب ہو مدینہ مدینہ جب چلے سُوئے طیبہ سفینہ

عشق ۽ اُلفت جو هي نِرالو انداز هر هڪ جي سمجه ۾ تہ اچي نہ ٿو سگهي جو جو طيبہ جي حاضِري جي لاءِ وڃڻ وارا تہ عام طور تي ڪلندي، مباركون وُصول ڪندي ويندا آهن. اهڙن زائرينِ مدينہ جو پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي هڪ ڪلام ۾ هِن طرح مَدَني ذِهن ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

ارے زائرِمدینہ! تُو خوشی سے ہنس رہا ہے! دلِ غمزَدہ جو پاتا تو کچھ اور بات ہوتی

آخر ڪار انهي حالت (مديني جي خيال ۾ گُم ٿي وڃڻ) جي عالَم ۾سفرِ مدينہ جو آغاز ٿيو، جيئن جيئن منزل قريب ايندي وئي ، پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي عِشقَ جي شدت بہ وڌندي رهي، اُن پاڪ سرزمين تي پهچندي ئي پاڻ جُوتا لاهي ورتا. **اللّٰه! اللّٰه!** عشقِ رسول جي مزاج جي ايتري قدر سجاڳپ رکڻ وارا تہ خود ئي ڪلام ۾ فرمائن ٿا:

پاؤں میں جُوتا ارے محبوب کا کُوچہ ہے یہ ہوش کر تُو ہوش کر غافل! مدینہ آگیا

اَمِيرِ اَهلِسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اُن پاڪ سَرزمين جي آداب جو ايتري قدَر خيال رکندا هئا جو ١۴٠٦ھ جي حج جي سَفَر ۾ سندن جي طبيعت ناساز ٿي

وئي. سَخت نزلو ٿي ويو، نڪ مان شِدّت سان پاڻي وهي رهيو هو. اِن جي باوُجود پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن ڪڏهن بہ مدينۂ پاڪ جي سَرزمين تي نڪ صاف نہ ڪيو، بلڪ اوهان جي هر ادا مان ادب ظاهر ٿيندو هو. جيستائين مدينۂ مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ رهيا جيتري قدر ٿي سگهيو گُنبدِخضرا ڪي پُٺ نہ ٿيڻ ڏني.

مدینہ اس لئے عطّارؔ جان ودل سے ہے پیارا    کہ رہتے ہیں مرے آقامرے دِلبر مدینے میں

ڪڏهن ڪڏهن مني مديني جي گهٽين مان گذرندي اتي جي ٻهارو ڏيندڙن (صفائي ڪرڻ وارن) جي هٿن مان ٻهارو وني پاڻ مديني جي گهٽين مان ٻهارو ڏيڻ جي سعادت بہ حاصل ڪئي آهي. ان جي تمنّا ڪندي ولي ڪامل، عاشقِ صادق حضور مفتي اعظم هند مصطفي رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا:

خداخیر سے لائے وہ دن بھی نوریؔ    مدینے کی گلیاں بُہارا کروں میں

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ عاشقِ مدينہ، اَمِيرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي صَدَقي غمِ مدينہ جي لازوال دَولَت سان سَرفَراز فرمائي ۽ بار بار سَفَرِ مدينہ جي سعادت ۽ مَدِيْنَه مُنَوَّرَه جي بااَدَب حاضِري نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اسان جو انداز!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بزرگانِ دين جي هنن حڪايتن کي ٻڌي ڪري هي اندازو ٿيندو آهي تہ انهن جو سفرِ مدينہ نيڪين جو خزينو ۽ ادب ۽ احترام جو خزانو هوندو هو، هي حضرات مديني جي حاضري وارين گهڙين کي قيمتي (Precious) ۽ ان مبارڪ فضائن ۾ گذرڻ وارين ساعتن کي رحمت ڀري ٻڌائڻ

جي لاءِ خوب ڪوشش ڪندا هئا اي ڪاش! اسان کي هنن مبارڪ هستين جي صدقي مَدِينۂ مُنَوَّرَه جي با ادب حاضري نصيب ٿئي، مديني جي پُربهار ۽ مُعَطّر مُعَطّر فضائن جي صدقي اسان جي سيني مان ڪينو ختم ٿي وڃي، اکين ۾ حيا پيدا ٿئي ۽ دل حسد، تڪبر ۽ رياڪاري جهڙين باطني بيمارين کان شفاء ماڻي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي مُقدَّس جڳهن جو اَدب ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مديني جي حاضري جي سعادت ماڻڻ وارا عاشقانِ رسول يقيناً خوش نصيب آهن.

- حاضريِ مدينہ جي لاءِ ڪيو ويندڙ سفر ڪو عام سَفَر ناهي بلڪ هي گهڻو مُبارَڪ سَفر آهي.
- اسان جي اڪابر ۽ بُزرگانِ دِين کي جڏهن بہ مديني شريف جي حاضري نصيب ٿيندي هئي تہ اهي سڀُورا بارگاهہ عالي جو خُوب ادب ۽ اِحترام ڪندا هئا.
- جيڪڏهن هن مُبارڪ سَفَر ۾ ڪا تڪليف پيش اچي تہ ان کي پنهنجي لاءِ سَعادَت جو سبب سمجهي بَرداشت ڪندا هئا.
- ان دَر تان ملڻ واري دَرد جي دَوا ڪرڻ جي بدران ان کي محبوب جي طرفان ملڻ وارو عظيم تحفو سمجهندا هئا.

- ♣ مَحبُوب جي بارگاھ بلڪ گھٽين راھن سان نِسبَت (Relation) رکڻ وارين شين جي بہ تعظيم وتڪريم ڪندا ھئا.
- ♣ ان پاڪ سر زمين تي پھچي اَدَب جي ڪري سُواري تي سُوار ٿيڻ بلڪ چَپّل يا جُوتا پائڻ کان بہ بچڻ جي ڪوشش ڪندا ھئا.

اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ مديني پاڪ جو خوب ادب ڪرڻ جي توفيق عطا فرما ۽ اسان سڀني کي مُرشدِ ڪرِيم سان گڏ بار بار مديني شريف جي بااَدَب حاضري نصيب فرما. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

آسماں گر ترے تلووں کا نظارہ کرتا روز اک چاند تصدق میں اُتارا کرتا
دلِ حیراں کو کبھی ذوقِ تپش پر لاتا تپشِ دل کو کبھی حوصلہ فرسا کرتا
کبھی کہتا کہ یہ کیا جوشِ جنوں ہے ظالم کبھی پھر گر کے تڑپنے کی تمنّا کرتا
آہ کیا خوب تھا گر حاضرِ در ہوتا میں ان کے سایہ کے تلے چین سے سویا کرتا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شھنشاھِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آھي: جنھن منھنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيۓ جنھن مون سان محبت ڪئي اھو جنّت ۾ مون سان گڏ ھوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## تيل لڳائڻ ۽ ڪنگهي ڪرڻ جا مَدَني گل

اچو! متي ۾ تيل وجهڻ ۽ ڪنگهي ڪرڻ جي حوالي سان ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا:

حضرت سيِّدُنا اَنس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم متي مبارڪ ۾ اڪثر تيل لڳائيندا ۽ ڏاڙهي ۾ ڪنگهي ڪندا هئا ۽ اڪثر متي مبارڪ تي ڪپڙو رکندا هئا ايستائين جو اهو ڪپڙو تيل سان تَر رهندو هو. (الشمائل المحمديه للترمذي ص 40 حديث32) خبر پئي "سَر بَند" جو استعمال سنّت آهي، اسلامي ڀائرن کي گهرجي جڏهن به متي تي تيل لڳائن، هڪ ننڍو ڪپڙو متي تي ٻڌي ڇڏن، متي ۽ ڏاڙهي جا وار صابڻ وغيره سان ڌوئڻ جنهن جو معمول نہ آهي انهن جي وارن ۾ اڪثر ڏپ ٿي ويندي آهي پاڻ کي جيتوڻيڪ ڏپ نہ ايندي هجي پر ٻين کي ايندي آهي . واتِ، بدن ۽ لباس وغيره مان ڏپ ايندي هجي تہ انهيءَ حال ۾ مسجد ۾ وڃڻ حرام آهي جو هن سان ماڻهن ۽ فِرشتن کي ايذاء ٿيندو آهي، ها ڏپ لڪيل هجي جيئن بغل جي ڏپ وغيره تہ انهيءَ ۾ حرج ناهي ۞ حضرت سيِّدُنا نافِع رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي: حضرت سيِّدُنا ابن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا ڏينهن ۾ ٻہ ڀيرا تيل لڳائيندا هئا. (مصنف ابن ابي شيبه ج 6 ص 117 ) وارن ۾ تيل جو گهڻو استعمال خاص ڪري عِلم وارن لاءِ مفيد آهي جو هن سان متي ۾ خشڪي ناهي ٿيندي، دماغ تَر ۽ حافظو قويstrong ٿيندو آهي ۞ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن اوهان مان ڪو متي تي تيل لڳائي تہ ڀِرن کان شروع ڪري، ائين ڪرڻ سان متي جو سور ختم ٿيندو آهي (الجامع الصغير للسيوطي ص 28 حديث 369) ۞ "ڪَنزُالعُمّال" ۾ آهي پيارا پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن تيل استعمال فرمائيندا هئا تہ پهرين پنهنجي کاٻي تري تي تيل وجهندا هئا، پوءِ ٻنهي ڀِرن تي، پوءِ ٻنهي اکين تي ۽ پوءِ متي مبارڪ تي لڳائيندا هئا. (ڪنزالعمال ج 7 ص 46 رقم18295) ۞ "طَبَراني" جي

روايت ۾ آهي سرڪار نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جڏهن ڏاڙهي** مبارڪ کي تيل لڳائيندا هئا تہ "**عَنفَقَہ**" (يعني هيٺين چپ ۽ ڇاڙي جي وچ واري وارن) کان ابتدا ڪندا هئا. (المعجم الاوسط للطبراني ج 5 ص 366 حديث 7629) ❁ ڏاڙهي ۾ ڪنگي ڪرڻ سنت آهي. (اشعّة اللمعات ج 3 ص616 ) بغير بِسمِ الله پڙهڻ جي تيل لڳائڻ ۽ وارن کي خشڪ ۽ وکريل رکڻ خلافِ سنت آهي ❁ حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن بغير بِسمِ الله پڙهي تيل لڳايو تہ 70 شيطان ان ۾ شريڪ ٿي ويندا آهن. (عمل اليوم والليلة لابن السني 78 حديث 175)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جا شايع ٿيل 2 ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتیں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

تین دن ہر ماہ جو اپنائے مدنی قافلہ
بے حساب اس کا خُدا یا! خُلد میں ہو داخِلہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

www.dawateislami.net

ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277،)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیْهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانیة والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البدیع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305

www.dawateislami.net